# شمرانه عرف شيطان
# جي ناني



# شمرانه

## عرف

# شيطان جي ناني

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ


سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو / حيدرآباد، سنڌ.

١٣١٣ھ/١٩٩٣ع



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

| ايڊيشن | سال | ڪاپيون |
| --- | --- | --- |
| پهريون ايڊيشن: | ١٩٥٩ع | ٢٠٠٠ ڪاپيون |
| ٻيون ايڊيشن: | ١٩٦٩ع | ٢٠٠٠ ڪاپيون |
| ٽيون ايڊيشن: | ١٩٧٣ع | ٢٠٠٠ ڪاپيون |
| چوٿون ايڊيشن: | ١٩٧٨ع | ٥٠٠٠ ڪاپيون |
| پنجون ايڊيشن: | ١٩٩٣ع | ٥٠٠٠ ڪاپيون |

قيمت: [redacted]٠٠ رپيا
[Price Rs [redacted]00 ]

Rs 8

SHAITAN JI NANI (A Childrens Tale in Sindhi)
Written by: Mirza Qalich Beg
Published by: Sindhi Adabi Board, P.O.Box No: 12
Jamshoro / Hyderabad Sindh, Pakistan
5th Edition 1993.

# شيطان جي ناني

جن ڏينهن ۾ هارون الرشيد بغداد جو خليفو هوندو هو، تن ڏينهن ۾ "حلب" جي شهر ۾ هڪڙي ڪراڙي زال رهندي هئي. هئي زال، مگر مڪر ۽ فريب ۾ شيطان جي ناني هئي. پري پري جا چور، بدمعاش، ٺڳ، دغا- باز ۽ جعلساز هن وٽ صلاح مصلحت لاءِ ايندا هئا، ۽ هن ڪان ڊڄندا هئا ۽ هن کي استاد ڪري مڃيندا هئا. ڏيهاڙي نئين نئين قسم جون ٺڳيون رٿيندي ۽ ڪندي هئي. اهڙا حيرت جهڙا ڪم ڪندي هئي جو ماڻهو ڪيس جادوگرياڻي يا ڏائڻ سمجهندا هئا.

هن کي ٻه ڌيئون هونديون هيون، جي شرارت، فتنه سازيءَ ۽ حرڪت بازيءَ ۾ بلڪل پنهنجي ماءُ جو نمونو هيون. پهاڪو مشهور آهي ته "جهڙو ست تهڙي پيٽي، جهڙي ماءُ تهڙي ڌيئي." اُهو هنن سان پوريءَ طرح لاڳو هو. انهيءَ ڪراڙيءَ جو نالو "شمرانه" هو. اڻ پڙهيل نه ڪين هئي. ڏاڍي قابل هئي. قرآن بر زبان هوس. اهڙيون مذهبي ٻوليون ٻڌائيندي هئي ۽ ديني مسئلا ۽ حديثون بيان ڪندي هئي، جو هوشيار هوشيار ماڻهن کي پنهنجي فريب جي دام ۾ ڦاسائي ڇڏيندي هئي. مطلب ته هن جي ڪارنامن جي شهر شهر ۾ خبر پئجي ويئي ۽ حلب جي بادشاهه تائين ماڻهن جون فريادون ويون. سرڪاري ڪامورن اڳيئي هن زال بابت مخفي طرح رپورٽون موڪليون هيون.

بادشاهه هڪدم اُتي جي ڪوتوال کي حُڪم ڏنو "تہ انهيءَ شيطان جي نانيءَ کي حلب جي حد مان ٻاهر ڪڍي ڇڏي." ان موجب انهيءَ ڪراڙي زال کي سندس ٽنهي ڏيئن سميت حلب جي حد مان هڪالي ڪڍيو هو: سي دربدر گهمنديون رلنديون بغداد ۾ آيون، ۽ ڪنهن محلي ۾ ننڍڙي جاءِ ڀاڙي ڪري ويهي رهيون. هڪڙي ڏينهن ماءُ ۽ ڏيئن جي وچ ۾ هيءَ گفتگو هلي.

ڏيءُ: امان جيجل، گهڻا ڏينهن ٿيا آهن، جو ٽون شڪار ڪونہ ٿي آڻين. جيڪي اڳي گڏ ڪيو هيوسين سو تہ ڪائي ڪپائي ڇڏيو اٿئون. هاڻ ڪو بندوبست ڪر، نہ تہ بک تيون مرون!

ماءُ: بابا، مون کي اڳئي اها ڳڻتي هئي. اڄ ارادو هوم تہ ٻاهر نڪران.

ڏيءُ: پر امان سنڀال ڪجئين! شهر نئون آهي، متان سڱن جي ڳولا ۾ ڪن بہ وڃي وڃن!

ماءُ: ڏيءُ ٽون بہ ائين ٿي چوين؟ وس پڄندي تہ ڪين گهٽائينديس. آئون اهڙي جادوگرڻ آهيان، جو پهڻ کي شيشي سان پچي رکان. اهڙي نانگڻ آهيان جنهن جي ڏنگ جو نڪو جنتر نڪو منتر.

ڏيءُ: امان، اها مون کي خبر آهي. ائين ئي ٿي چيم. ڀلي وڃ، خدا تنهنجي پناهہ ٿيندو!

شمرانہ اُتي برقعو ڍڪيو ۽ گشت تي نڪري پيئي. هيڏي هوڏي چڪر هڻي، هڪڙي نئين محلي ۾ وڃي نڪتي، جتي ڀنهي پاسي وڏيون عاليشان عمارتون هيون. هوءَ هڪڙي نانوائيءَ جي هٽ تي وڃي ويٺي.

شمرانہ: ٻچا، امان صدقي وڃي! هيءُ سامهون گهر ڪنهن جو آهي؟

نانوائي: ڏاڏي، هيءُ هڪڙي سکر ماڻهو جو گهر آهي، جنهن کي مُئي تورا ڏينهن ٿيندا. هو فقط هڪڙي چوڏهين ورهين جي ڌيءَ ڇڏي مري ويو آهي. هن جي سڀ مال ملڪيت جي وارث بہ اهائي ڇوڪري آهي.

شمرانہ: مال ملڪيت ڪيتري اٿس؟

نانوائي: مائي، مون وٽ ڪا انهيءَ جي ياداشت رکي آهي ڇا؟

شمرانہ: ابا، تون چڙين ڇو ٿو؟ بس آئون وڃان ٿي.

شمرانہ: نانوائيءَ جي دڪان کان نڪري، سامهون وڃي، اُنهيءَ گهر جو دروازو ڀڻيو، ۽ اندر جهاتي وڌي. هڪڙو ڪشادو اڱڻ ڏسڻ ۾ آيس، جنهن ۾ هڪڙو مزي جهڙو ننڍو باغيچو هو. گهر جي ورانڊي ۾ کٽ تي هڪڙي خوبصورت جوان زال پٽيري ويٺل ڏٺائين. هڪدم سهي ڪيائين تہ شڪار اهو آهي. آهستي آهستي انهيءَ کٽ وٽ ويئي. ڇوڪريءَ منهن ورائي هن کي ڏٺو. شمرانہ نوڙي سلام ڪيس ۽ دعائون ڪرڻ ۽ بلائون ڪٽڻ لڳيس.

ڇوڪري: مائي، تون ڪير آهين: ڪٿان ٿي اچين؟

شمرانہ: (روئي) هاءِ هاءِ امان! تون مون کي نٿي سڃاڻين؟ آئون تنهنجي پيءُ مرحوم جي پيڻ آهيان ۽ تنهنجي ڦڦي آهيان. ننڍي هوندي کان منهنجي مڙس جو ادي سان ڪن خانگي ڳالهين تي تڪرار ٿي پيو هو. تنهنڪري اچڻ وڃڻ جو رستو بند ٿي ويو. پوءِ منهنجو مڙس حلب ڏي هليو ويو ۽ مون کي بہ پاڻ سان وٺي ويو.

اتفاق سان اهو اتي مري ويو. مون کي تنهنجي پيءُ جي وفات جو پڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. تنهنڪري آئون توسان معذرت ڪرڻ لاءِ آيس. افسوس آهي ته ادو ويچارو هليو ويو ۽ توکي يتيم ڪري ڇڏي ويو ۽ مون کي به جدائيءَ جو داغ ڏيئي ويو!

ائين چئي شمرانه اچي روئڻ ۾ پيئي. ڪجھ تائين اوچنگارون ڏيو پئي رنائين. ڇوڪري ويچاري عمر جي ننڍي ۽ اُلڙ هئي، سان جهٽ پٽ هن جي دام ۾ اچي ويئي.

ڇوڪري: پڦي، بس خدا جي مرضي اها هئي. تون صبر ڪر، گهڻو نه روءُ. تنهنجو اهو حال ڏسي منهنجو جگر ٿو ڦاٽي، ۽ منهنجو غم وري تازو ٿو ٿئي ڇگو جو هتي آئينءَ، آئون به اڪيلي هيس. ڪو وڏو مائٽ مون وٽ ڪونه رهيو آهي.

شمرانه: امان صدقي! خدا توکي وڏي ڄمار ڏيندو، توکي گهڻي تائين سلامت رکندو. تون منهجي مرحوم ڀاءُ جي نشاني آهين. پر بابا آئون تو وٽ هميشه رهي ڪين سگهنديس. تنهن ڪان سواءِ، جي آئون هتي گهڻو رهنديس ته ماڻهو مون کي مهڻا ڏيندا ته هيترا ڏينهن نه آئي، هينئر ڀاءُ مئو اٿس، تڏهن انهيءَ جي ملڪيت جي ورهاڱي لاءِ اچي حاضر ٿي آهي. پر آئون ٻئي ـ ٽيئي ڏينهن ضرور توکي اچيو ڏسيو ويندس. تون منهنجو آندو آهين، منهنجي جگر جو ٽڪر آهين. توکي ٿي ڏسان ته ادو ٿو ياد پوي!

ڇوڪري: پڦي، تنهنجي دل مون کي هيڪلو ڇڏي وڃڻ لاءِ ڇوي ٿي؟ ماڻهن جو انهيءَ ۾ ڇاتو وڃي، جيڪي وٽين سو پل پيا چوڻ

شمرانہ: نہ ڏيءُ، مون پنهنجا وار اُس ۾ اَڇا ڪين ڪيا آهن. مون کي زماني جو سارو حال سُجهي ٿو. ماڻهن جي زبان جهلڻ جي ناهي.

ڇوڪري: پڦي، جيڪا تنهنجي مرضي. آئون توکي زور ڪري نٿي سگهان، پلائي ڪري مون کي سعيي سان منهن ڏيکاريندي وڃجانءِ!

شمرانہ: اڪين سان ٻچا، دلجاءِ ڪر!

پوءِ تہ شمرانہ هن ويچاريءَ پورڙي ڇوڪريءَ کي سبز باغ ڏيکاري هلي ويئي. ٻن - ٽئن ڏينهن ۾ هن کي سڄوئي پنهنجو ڪري ڇڏيائين.

هڪڙي ڏينهن شمرانہ ڏاڍي ملول ٿي ۽ غمگين شڪل بنائي اچي ويئي.

ڇوڪري: پڦي، چڱي ڀلي تہ آهين؟ اڄ تون البت غمگين ٿي ڏسجين؟

شمرانہ: پٽ ٻيو سڀ خير آهي.

ڇوڪري: پر ٻہ جي ڪا اهڙي ڳالھہ هجي، جنهن جو علاج منهنجي وس ۾ هجي تہ مون کان حجاب نہ ڪجئين. بيشڪ چئي ڏجئين. آئون دل جان سان حاضر آهيان؟

شمرانہ: ڏيءُ، آئون ڳالھہ تہ ڪريان، پر متان تون خفي ٿين؟

ڇوڪري: توبھہ توبھہ! پڦي، تون وڏو مائٽ آهين. آئون ننڍي آهيان. جيڪي تون چوندينءَ سو ضرور منهنجي چڱائيءَ لاءِ هوندو ۽ اُها تہ منهنجي لاءِ خير خواهي هوندي.

شمرانہ: تڏهن امان ٻڌ، حقيقت جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ منهنجو هڪڙو پٽ آهي جو ماشاءالله اهڙو جوان ۽ حسين آهي، جهڙي تون آهين. انهيءَ شايد توکي باغيچي ۾ گهمندي ڏسي ورتو آهي، سو ديوانو ٿي پيو آهي. رات ڏينهن بي آرام ۽ بيقرار آهي. گهڻوئي سمجهايو اٿمانس تہ هيءُ متيءَ مائٽيءَ جو معاملو آهي، آئون انهيءَ ۾ ڪي بہ ڪري نٿي سگهان. پر هو ڇوڪر باز نٿو اچي. چوي ٿو تہ منهنجي محبت پاڪ آهي. مون کي رڳو منهن ڏسڻ جي سڪ آهي. هن جي شڪل منهنجي دل ۾ چُڀي ويئي آهي. مطلب تہ ڇوڪري کي گهڻوئي سمجهايو اٿم، تہ بہ رهي نٿو. حيران پريشان آهي. آئون اِنهي ڪري حيراني ۾ آهيان تہ ڇا ڪريان!

ڇوڪري: ٻڌي، انهيءَ ۾ ڇا آهي؟ هو تنهنجو پٽ آهي تہ منهنجو ڀاءُ آهي. منهن ڏسڻ ۾ ڪهڙو عيب آهي. ياٿرن سان پيٺون مُنهن نٿيون لڪن ڇا؟ تون مون وٽ هيستائين پئي آئي آهين. هڪڙي ڀيري مون کي بہ پنهنجي گهر وٺي هل، تہ هلي گهمي اچان ۽ ادي کي بہ ڏسي اچان.

اهو جواب ٻڌي شمرانہ ڏاڍي خوش ٿي ۽ ڇوڪريءَ کي دعائون ڪرڻ لڳي: ۽ چوڻ لڳي تہ ”تڏهن امان خير جي ڪم ۾ دير ڪرڻ جو ڪهڙو ضرورا هل، هينئر ئي هل، اُتي تيار ٿيءُ.“ ڇوڪريءَ اُتي هڪڙو عمدو وڳو ڍڪيو ۽ ڳهہ ڳنا پاتائين. پوءِ مٿان برقعو ڍڪي، شمرانہ سان گڏجي اٿي هلي. جڏهن هو شاهي بازار جي وچ ڏاري آيون، تڏهن شمرانہ هڪڙو نوجوان صراف دڪان تي ويٺل ۽ پنهنجي ڪم ۾ رنڀيل ڏٺو. ڇوڪريءَ کي چيائين تہ ”بابا،

تون ذرو اتي ترس، آئون اجها تي اچان.! ۽ پاڻ انهيءَ دڪان تي چڙهي انهيءَ جوان صراف وٽ ويئي. هن کي خوشامد پريو سلام ڪيائين. هن مرڪي حال احوال پڇيس. شمرانہ چيس تہ "ابا، گهٽي ئي لڄ تي ٿئيم، پر لاچار ٻيو ڪو چارو ڪونهي. منهنجي عزت تنهنجي هٿ آهي. آئون بغداد جي هڪڙي دولتمند جي زال آهيان. خدا مون کي لکن جي ملڪيت ڏني، مگر پٽ ڪونہ ڏنائين. فقط اها ڇوڪري ورهين جي هڪ ڌيءَ آهي. اها ڪالهہ ڪنهن سانگي هتان اچي لنگهي، ۽ اتفاق سان هن جي نظر توتي پئجي ويئي، ۽ ڏسڻ سان ئي موهجي ويئي آهي - انسان جي دل پنهنجي وس ۾ نہ آهي. انهيءَ وقت کان وٺي آرام ڪونہ آيو اٿس. گهٽوئي سمجهايومانس پر پوءِ بہ مٿس ڪو اثر ڪونهي. هاڻ بابا منهنجو ننگ ناموس تنهنجي اختيار ۾ آهي. اَجائي ڪا خواري خرابي ٿئي، تنهن کان مناسب سمجهيم تہ چونہ آئون پاڻ اهو رضا رغبت ۽ خوشيءَ جو بندوبست ڪري ڇڏيان!"

هي ٻڌي، صراف جون واڇون ئي ٽڙي ويون. هن ڀانيو تہ اجها تي سوني جهرڪي گهر ويٺي مفت مٺ ۾ اچي؛ تنهن جهٽ ۾ ٻہ ٽيلهيون اشرفين جون ڪٽي ڪنيون، ۽ اتي شمرانہ جي پٺيان هليو. ڇوڪري بہ برقعي ۾ شمرانہ سان گڏجي اڳتي هلندي هلي، صراف ۾ کو شڪ ڪونہ گذريس. هڪڙي گهٽيءَ ۾ شمرانہ ڏٺو تہ ڪو ڌوٻي دڪان تي ڌوتل ڪپڙا ويٺو ناهي ۽ تهہ ڪري. اهو دڪان ماڙيءَ وارو هو. شمرانہ جهٽ ۾ اڳيرو وڃي ڌوٻيءَ کي ڪن ۾ چيو تہ "ميان ڌوٻي، منهنجو پٽ ۽ منهنجي ننهن ٻيئي بازار ۾ سارو

ڏينهن خريد فروخت ڪري تڪجي پيا آهن. جي موڪل ڏين ته تنهنجي دڪان جي مٿان ماڙيءَ واري جاءِ ۾ هو ذرو ويهي، ساهي کڻن ۽ تورو ڪائين پيئن. انهيءَ لاءِ ته توکي ڏهه رپيا ڏيندا." ڌوٻي ڏهن رپين جو نالو ٻڌي ڪپڙن ۾ ئي نه پيئي ماپيو. چوڻ لڳو ته هي دڪان اوهان جي مِلڪ آهي. جيترو وٽيوَ اوترو انهيءَ ۾ ترسو. "تنهن تي شمرانه هنن ٻنهي کي دڪان جي مٿئين طبقي ۾ وٺي ويئي ۽ چوڻ لڳين ته "ابا، اوهين هتي ذرو آرام ڪريو، آئون وري تي اچان." ۽ چوڪريءَ کي چوڻ لڳي ته "اهي پنهنجا زيور لاهي مون کي ڏي ته ساڻ رکان، متان جيسين اچان تيسين توکي ننڊ کٽي وڃي يا اٿلڻ پٿلڻ ۾ ڍڄي پون يا پرائيءَ جاءِ ۾ گم ٿين." چوڪريءَ جهٽ ۾ وڏا وڏا زيور لاهي هن کي رومال ۾ ٻڌي ڏنا ۽ پاڻ صراف سان گڏ اتي ويهي ڳالهيون ٻوليون ڪرڻ لڳي. صراف به خوشامد ڪرڻ ۽ لالچ ڏيڻ جي مراد سان شمرانه کي چيو ته "امان تڏهن هي به ٿيلهيون اشرفين جون به پاڻ وٽ قابو رکجئين، پوءِ مهل تي ڪم ايندين."

اهي سڀ شيون شمرانه کٽي هيٺ لهي آئي. ٻه رپيا ڌوٻيءَ کي ڏنائين ۽ چيائينس ته "آئون هتي ويٺي آهيان، تون جلدي وڃي ڪنهن نانوائي کان ماني وٺي اچ ته منهنجو پٽ ۽ نُنهن کائين" ڌوٻي هڪدم ماني آڻڻ لاءِ ويو. اجا هو اتان نڪتو، ته هڪڙو جت اُٺ وٺي اچي اتان لنگهيو. شمرانه هن کي سڏي چيو ته "مون کي پنهنجو ڪو سامان هتان کڻي هن ئي گهٽيءَ ۾ ٻيئي گهر ۾ نيڻو آهي، اهو تون ياڙي تي کڻي هل. ياڙي کان سواءِ ٻه رپيا

وڏيڪ بہ ڏينديس. پر هتي پيو ڪو ماڻهو ڪونهي، پلائي ڪري تون ترس، آئون سامان لاهي وري اُن ڪي وٺي تي اچان." جت کي شڪ ڪونہ پيو، اٿين ڪرڻ لاءِ راضي ٿيو. شمرانہ جت کي اُتي ويهاري ڌوبي جا ڪپڙا ۽ پيو جاءِ جو سامان جيڪو ڪمائتو ۽ ڪٽڻ جهڙو ڏسڻ ۾ آيس، سو اُن تي ڪٽي مهار وٺي اُتي هلي. هلندي جت کي تاڪيد بہ ڪندي ويئي تہ "پلائي ڪري جاءِ جي سنڀال ڪجئين، ڪنهن کي اندر لنگهڻ نہ ڏجئين، جيسين آئون اچان. منهنجو گهڻوئي سامان جاءِ ۾ پيو آهي، جو آئون وري اچي اُن تي لڏينديس." جت چيو تہ "مائي، تون دلجاءِ ڪر. آئون خبرداري ڪندس."

شمرانہ تہ سڌو گهر جو رستو ورتو ۽ گهٽين مان ور وڪڙ ڏيئي نڪري ويئي. ٿوري دير کان پوءِ ڌوبي بازار مان ماني وٺي آيو. جڏهن دڪان ۾ اندر گهڙڻ لڳو تڏهن جت روڪيس ۽ چيائينس تہ "اندر نہ وڃ. ترس، جيسين مالڪياڻي اچي." ڌوبيءَ پري کان نهاريندي، اهو بہ معلوم ڪيو تہ سندس ڪپڙن جا ستا ڪينهن.

ڌوبي: اڙي تون ڪير آهين؛ جو مون کي روڪين ٿو، ۽ منهنجي دڪان تي فرحت ۽ آرام سان ويٺو آهين؟

جت: تون ڪير آهين، جو مون کان ٿو پڇين؟

خبردار جي اندر گهڙيو آهين لت هڻندوسنئين.

ڌوبي: واه ڙي چور، سينہ زورا آئي تاندي ڪٽڻ، بورچاڻي تي ويٺي. تون ڪو پڪو بدمعاش ٿو ڏسجين. تنهن تي جت کي چڙ آئي، ڌوبيءَ کي بہ - تي ڌڪ هڻي ڪڍيائين. انهيءَ تي هُل ۽

واويلا مچي ويئي، ڌوٻيءَ ويچاري وري پنهنجن ڪپڙن جي گم تيڻ لاءِ بہ گهوڙا گهوڙا مچائي. انهيءَ هُل تي ماڻهو اچي مڙيا. ڌوٻي چوي تہ "يارو مون کي هڪڙي ٻيڏيءَ ماني وٺڻ لاءِ موڪليو. سا الائجي ڪٿي آهي، ۽ منهنجا ڪپڙا الائجي ڪيڏي گم ٿي ويا؟"

جت چوي تہ "هيءُ ماڻهو بدمعاش آهي، زور ڪري پرائي گهر ۾ گهڙڻ ٿو گهري. هن جاءِ جي مالڪياڻي پنهنجو سامان منهنجي اُٺ تي لڏي ويئي آهي، بلڪ هلندي تاڪيد بہ ڪري ويئي آهي تہ ڪنهن کي اندر گهڙڻ نہ ڏجانءِ. سو ڀلا ڪهڙي طرح آئون هن کي اندر گهڙڻ ڏيان؟ جي هن ٻيڏيءَ جي ڪا شيءِ گم ٿئي يا زيان ٿئي تہ پوءِ آئون جوابدار ٿيندس."

انهيءَ گوڙ تي صراف ۽ ڇوڪريءَ مٿان ماڙيءَ تان جهاتي پائي هيٺ نهاريو ۽ هُل جو سبب پڇيو.

جڏهن ڌوٻيءَ جي نظر صراف تي پيئي، تڏهن هن کي اجايو سجايو ڳالهائڻ لڳو. چوڻ لڳو تہ "تنهنجي اُها ڪراڙي ماءُ ڪٿي آهي؟ اها تہ مون کي ڦري لٽي ويئي آهي!" جڏهن جت ٻڌو تہ اها ڪراڙي هن صراف جي ماءُ آهي، تڏهن اهو بہ هن کي چنبڙي ويو.

صراف: يارو مون کي ڇو چنبڙي ويا آهيو؟

جت: اڙي گيدي، مون کي پنهنجو اُٺ ڏي، نہ تہ متو ڀڄي تو وجهئين!

صراف: اڙي ديوانؤ، اوهان جو عقل ڪيئن اڏامي ويو آهي؟ اُها ٻيڏي منهنجي ماءُ ناهي پر هن ڇوڪريءَ جي ماءُ آهي.

چوڪري: نہ نہ. هوءَ منهنجي پڦي آهي ۽ هن شخص جي ماءُ آهي.

ماڻهو: اڙي اوهين سڀ پورڙا آهيو. پاڻجي تو تہ هوءَ ڪا ٺڳ زال هئي، يا ڪا ڪُٽڻي هئي. سيني ڪي منهن تي لينگهو گهمائي ويئي آهي!

چوڪري: منهنجا سڀ زيور بہ ڪٽي ويئي آهي.

صراف: منهنجون اشرفين جون ٿيلهيون بہ ڪٽي ويئي آهي.

جڏهن شمرانہ جي ڪارستاني سيني کي معلوم ٿي، تڏهن ويچاري چوڪري روئندي پنهنجي گهر ويئي؛ مگر صراف، جت ۽ ڌوبي ٿيئي خليفي هارون الرشيد جي دربار ۾ دانهين ويا. خليفو اُنهي ٻڍيءَ جي اها چالاڪي ٻُڌي حيران ٿي ويو، ۽ ڪوتوال کي حڪم ڏنائين تہ "شهر ۾ پڙهو گهماءِ تہ جيڪو انهيءَ ڪراڙيءَ مَرَ کي پڪڙي آڻيندو تنهن کي هزار رپيا انعام ملندو."

انهيءَ شڪار جهتڻ کان پوءِ شمرانہ هفتو کن گهر ۾ آرام سان ويٺي رهي. اُنهيءَ کان پوءِ وري هڪڙي ڏينهن اُٿي، عمدي پوشاڪ ڍڪي، تسبيح هٿ ۾ ڪري شهر ۾ ويئي، اتفاق سان صراف، جت ۽ ڌوبي جي ٿيئي هن جي ڳولا ۾ رُلي خراب ٿيا هئا، تن کي منهن پئجي ويئي، اگرچ ويس بدليل هوس تہ بہ جت هڪدم سڃاڻي ورتس ۽ ڊوڙي وڃي پڪڙيائينس ۽ گهلي خليفي جي محلات ڏي وٺي هليس. هو ۾ بہ ساڻس گڏ ويا. جڏهن زنانخاني جي نزديڪ آئي، تڏهن شمرانہ چيو تہ "مون کي پائخاني

جي ضرورت تي آهي، چڏيو تہ ڏيديءَ جي وڪڙ ۾ ويهي حاجت پوري ڪري اچان." هنن چڏيس. هوءَ ڏيديءَ جي اندر ويئي ۽ هو ٻاهر منتظر ٻيهي رهيا. شمرانہ سڌي اندر زنانخاني ۾ گهڙي ويئي ۽ بيبي زبيده خليفي جي راڻيءَ جي حضور ۾ وڃي حاضر ٿي.

زبيده: مائي فقيرياڻي، تون ڪير آهين. ڪِٿان آئي آهين؟

شمرانہ: بيبي صدقي ٿيان! آئون هڪڙي حاجياڻي آهيان. ست ڀيرا مون حج ڪيو آهي. اصل ۾ خدا جي مهربانيءَ سان آئون دولتمند زال هيس، جڏهن خدا جو رستو ورتم، تڏهن سڀ مال ملڪيت خدا جي وات ۾ ڏيئي ڇڏيم. هاڻ وري ارادو اٿم تہ حج وڃان ۽ وڃي اُتي رهي پوان. خرچ لاءِ پئسو گهربل هو. مون وٽ ٽي غلام آهن، اهي پانئيان تہ وڪڻي پئسا ساڻ کڻي وڃان. انهن کي مون ننڍي هوندي کان پالي وڏو ڪيو آهي ۽ هڪڙي گهڙي بہ پاڻ کان پري نہ ڪيو اٿم. هنن کي ڇڏڻ بہ دل نٿي چوي پر لاچار آهي. چڱي پار ڏي ٿي وڃان. هو بہ مون کي ڇڏڻ نٿا گهُرن. چنبڙي پيا آهن. چون ٿا تہ ڪيئن بہ توسان گڏيا هلنداسين. هاڻ حضور ۾ عرض اهو آهي تہ حضور خليفي صاحب کي سفارش ڪري، تہ اهي ٽيئي غلام مون کان خريد ڪري وٺي، ۽ جيڪو منهنجو حق ٿئي سو مون کي ڏئي. اهي غلام ٽيئي هنر وارا ڪمائتا ماڻهو آهن - هڪڙو ڏوبڪو ڪم چڱو ڄاڻندو آهي، ٻيو هوشيار صراف آهي، سون رپو ۽ جواهرات خوب پرکي ڄاڻندو آهي، ۽ ٽيون ڏاڍو خبردار شتربان آهي، ۽ اُٺ چڱا هلائي ڄاڻندو آهي.

زبيده: ڀلا مائي، انهن غلامن جي قيمت ڪيتري آهي؟

شمرانه: مون اهي پنجين هزارين دينارين خريد ڪيا هئا. تڏهن آئون به پئسي واري هيس. . هاڻ مون کي پئسي جي گُهرج آهي، تنهن ڪري ٽي هزار قبول ڪنديس.

ائين ڪندي خليفو هارون الرشيد به اچي نڪتو.

زبيده: هيءَ مائي حاجياڻي پنهنجا ٽي غلام وڪڻڻ گهري ٿي ۽ وري حج وڃڻ گهري ٿي. چوي ٿي ته ٽيئي غلام هنر وارا ۽ چڱا آهن. منهنجي مرضي آهي ته اُهي اوهين خريد ڪريو؟

خليفو: مائي، اُهي غلام ڪٿي آهن ته انهن کي ڏسون؟

شمرانه: جهان پناهه ، محل سراءِ جي ڏيڍيءَ جي ٻاهران بيٺا آهن.

خليفي ڏيڍيءَ تي وڃي انهن ٽنهي ماڻهن کي ڏٺو ۽ انهن کي پسند ڪيو، ۽ شمرانه کي اچي چيائين ته "مائي، جيتري تي تو اهي غلام خريد ڪيا آهن، اوتري قيمت تي ئي اسين خريد ڪريون ٿا."

مطلب ته لحظي ۾ هو پنج هزار دينار وٺي اٿي کڙي ٿي. خليفو به ديوانخاني ڏي هليو ويو ۽ شمرانه بيبي زبيده کي هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته "هي ٽيئي غلام مون کي ساهه کان به پيارو سمجهندا آهن. مون کي ويندو ڏسي هو متان هُل حشر مچائين ۽ پٽيان لڳي پون. تنهنڪري مون کي هڪڙي پوشاڪ برقعي واري عطا ٿئي، ته آئون اُها ڍڪي هتان نڪران ۽ هڪڙي ٻانهيءَ کي به حڪم ملي، ته مون سان گڏجي محلات کان ٻاهر هلي. بيبي زبيده ائين ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو. شمرانه جهٽ ۾ هڪڙي عمدي پوشاڪ

ڏکي، برقعو متان وجهي. ٻانهي ساڻ ڪري محلات مان نڪري اتي هلي. صراف، ڌوٻي ۽ جت، جي ڏيڍيءَ کان ٻاهر ويٺا هئا، تن هن کي نہ سڃاتو. پاڻيائون تہ ڪا محلات جي بيبي آهي. رستي هلندي جڏهن شمرانہ پر پري ويئي، تڏهن ٻانهي کان خبرون چارون پڇڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي تہ "مائي، توکي تہ مزو هوندو، محلاتن ۾ تي رهين؟" ٻانهي چيو تہ "مائي حاجياڻي، ڪهڙيون تي ڳالهيون پڇين: هتي ڪهڙا مزا آهن؟ بند ۾ پيئي آهيان، ڪوبہ قدر ڪونهي. ٻانهين جو ڀلا ڪهڙو قدر هوندو، لاچار حياتي غلاميءَ ۾ پوري ڪرڻي آهي!" شمرانہ ورندي ڏني "افسوس آهي، تو جهڙي خوبصورت جوان زال اهڙي هنڌ رهي، جتي انهيءَ جو ڪوبہ قدر ڪونہ هجي! حسن ۽ جوانيءَ هوندي توکي ڪهڙي پرواهہ هئڻ گهرجي، جي تنهنجي مرضي هجي، تہ آئون توکي هڪڙي چڱي سوداگر جي گهر ۾ نوڪري وٺي ڏيان، جتي توکي هر قسم جو آرام ملندو ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ بہ آزاد هوندين؟" ٻانهيءَ چيو: "مائي، جي اها ڀلائي ڪرين تہ آئون عمر لاءِ تنهنجي شڪر گذار رهنديس."

انهيءَ طرح شمرانہ انهيءَ ٻانهيءَ کي دم دلاسو ڏيئي، هڪڙي سوداگر جي گهر وٺي ويئي، ۽ چالاڪي ڪري پنهنجي منهن هن کي وڪڻي، هڪ هزار دينار وصول ڪري، سنئين سڌي پنهنجي گهر آئي، هوڏي هو ويچارا تي ڄڻا صراف، ڌوٻي ۽ جت اتي ئي ويٺا رهيا. جڏهن خليفو ٻاهر آيو، تڏهن حڪم ڏنائين تہ "انهن ٽنهي نون غلامن کي حاضر ڪريو!" جڏهن اهي ٽيئي

سندس روبرو تيا، تڏهن خليفو ڏاڍي مهربانيءَ سان هنن سان ڳالهائڻ لڳو.

خليفو: اوهين ملول ۽ دل شڪسته نه ٿيو. آئون اوهان کي اوهان جي پهرينءَ مالڪياڻي کان زياده سکيو ۽ خوش رکندس.

جٽ: يا الاهي خير ڪجئين! هي الاجي ڪهڙي ٻولي آهي؟

ڌوٻي: يانئجي تو ته وري ڪا نئين آفت مٿان اچي پيئي آهي.

صراف: حضور انصاف وارا آهيو، سچي ڪوڙي کي پرکي ڏسو.

خليفو: ٻيو فڪر يا ارمان ڪوبه نه ڪريو. اگرچه اوهين غلام آهيو، ته به آئون اوهان سان مروت ڪندو رهندس. اوهين پنهنجو ڪم چالاڪيءَ ۽ ايمانداريءَ سان ڪندا رهجو.

جٽ: حضور آئون ته غلام ڪين آهيان، شتربان آهيان.

ڌوٻي: آئون به سائين، غريب ڌوٻي آهيان، ڪپڙا ڌوئيندو آهيان ۽ پنهنجن ٻارن جي پورهيي تي گذر ڪندو آهيان.

خليفو: ٻڌي حاجياڻي، جا اوهان جي مالڪياڻي هئي، شايد تنهن جي جدائيءَ کان اوهين اهڙيون ناراضپي ۽ رنج جون ڳالهيون ٿا ڪريو؛ پر اوهين بلڪل ڏڄو نه. آئون غلامن کي گهڻو پيار ڪندو آهيان. اوهين مون وٽ هر طرح خوش رهندؤ.

ڌوٻي: حضور هوءَ زال اها ساڳي ٺڳ ۽ مڪار هئي، جا سيني کي ٺڳي ويئي آهي ۽ اسين رُلي رُلي هن کي پڪڙي حضور وٽ فرياد ڪٽي آياسين، ته من اسان جو ڪو انصاف ٿئي. پر هوءَ ته پاڻ اسان کي ٻانهو ڪري وڪڻي ويئي آهي!

خليفي کي هيءُ حال ٻڌي ڏاڍي ڪل آئي. لاچار هنن ٽنهي کي آزاد ڪري ڇڏيائين. جڏهن دربار برخواست ٿي، تڏهن محلات ۾ ويو ۽ بيبي زبيده کي ساري حقيقت بيان ڪري ٻڌايائين. بيبيءَ چيس ته ”برابر اها زال ڪا آفت هئي. مون کي به ٺڳي ويئي، جو منهنجي هڪڙي ٻانهيءَ سوسن نالي کي به ٺڳاري ۽ ڀڄائي ويئي آهي!“ نيٺ خليفي ڪوتوال کي سڏائي حڪم ڏنو ته ”جيئن وٽيئي تيئن ڪري انهيءَ رن کي گرفتار ڪري آڻ!“ ڪوتوال شهر ۾ گهڻيئي ڳولا ڪئي، پر شمرانه جو پتو ئي ڪونه پيو.

ڪن ڏينهن کان پوءِ، جڏهن شمرانه گهر ويهي ويهي ٿڪي، تڏهن وري شڪار جي لاءِ ٻاهر نڪتي. اتفاق سان اُهو جوان صراف گڏجي ويس. انهيءَ کٽي پڪڙيس. انهيءَ کي گهڻيئي دلبا ۽ دلاسا ڏنائين، پر هن جند نه ڇڏيس. جڏهن شمرانه ڏٺو ته ٺڳي نٿي هلي، تڏهن هن جي خوشامد ڪرڻ لڳي ۽ ڏاڍي عاجزيءَ سان چوڻ لڳس ”اي جوان! توکي منهنجي خواريءَ مان ڇا هٿ ايندو؟“ صراف چيو مون کي فقط پنهنجون اشرفيون ڏي، پوءِ جيڏي وٽيئي اوڏي هلي وڃ.“ شمرانه چيس ”بس ڳالهه ايتري! هل ته توکي پنهنجون اشرفين جون ٿيلهيون ڏيان، پر منهنجو پتو جت ۽ ڏوهيءَ کي نه ڏجئين.“ هن چيو ”آئون ڪين ڪونه ٻڌائيندس.“ پوءِ صراف هن سان گڏجي هليو. شمرانه شهر ۾ هيڏي هوڏي چڪر هڻي هڪڙي گهر وٽ آئي، جنهن جي در تي پردو ٽنگيو پيو هو. صراف کي چيائين ته ”اجهو هي منهنجو گهر آهي. پر هاڻ تون اِتي ترس ۽ پنهنجو دوشالو مون کي ڏي، ته آئون انهيءَ ۾ اشرفيون

ٻڌي توکي آٽي ڏيان." صراف پنهنجو دوشالو ڪڍي هن کي ڏنو ۽ پاڻ بيهي رهيو. شمرانہ پردي جي اندران وچي در جي پاسي ۾ ڏيديءَ جي اوٽ ۾ بيهي بيهي، پوءِ سڏ ڪري صراف کي چيو: "ابا هاڻ مون ٻار ٻچا پاسي ڪيا آهن. تون اندر هليو آءُ تہ روبرو پئسا ڏيئين." هي ٻڌي صراف پردو ڪڍي اندر ويو ۽ نڪ سامهون هليو ويو. ايتري ۾ شمرانہ پنيان پردو ڪڍي ٻاهر نڪري هلي ويئي. صراف سڌو اندر هليو ويو. سامهون صفي ۾ گهر جو مالڪ کٽ تي وينو هو. حقو ويني ڇڪيائين. زالون ۽ ٻار ٻچا پاسي تي ويٺا هئا. نامحرم ماڻهوءَ کي اندر ڪاهي ايندو ڏسي، ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ ٽپ ڏيئي اٿيو. صراف کي اچي ڌڪا ڏيڻ ۽ ڌڪ هڻڻ ۽ گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. هن ويچاري گهڻيئي واويلا مچائي ۽ حقيقت ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر گهر جو مالڪ ٽپي ٻاهہ تي ويو. صراف کي چوڻ لڳو: "تون سفيد پوش ٿيو، ڏينهن ڏٺي جو ماڻهن جي گهرن ۾ چوري ڪرڻ لاءِ ٿو گهڙين، توکي سرڪار جو بہ ڊپ ڪونهي؟" هن چيو: "سائين، آئون چور ڪين آهيان. مون کي ماريو نہ. گهر جي مالڪياڻي پاڻ مون کي هٿي وٺي آئي ۽ اندر اچڻ لاءِ چيائين." تنهن تي هو زياده ڪاوڙيو، چوڻ لڳو: بدمعاش، تون منهنجي گهر واريءَ تي ڪوڙي تهمت ٿو آڻين. هوءِ ڪيئن توکي سڏيندي؟" پوءِ تہ اچي هن کي ورايائين. ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيائينس. پوءِ ٻڌي خليفي جي حضور ۾ وٺي آيس ۽ حقيقت عرض ڪري ٻڌايائينس. خليفي صراف کان پڇيو تہ "توکي ڪهڙو جواب ڏيڻو آهي؟" هن روئي عرض ڪيو تہ "حضور، مون

کي نتا سڃاڻو؟ آئون اهوئي بدبخت صراف آهيان، جنهن کي هن ڪراڙيءَ ڏاڍ نڳي، حضور وٽ آڻي وڪيو هو." خليفي خيال سان ڏٺو ۽ سڃاتائينس تہ برابر اهو صراف آهي. گهر جي مالڪ کي چيائين: هي ماڻهو بي گناهہ آهي. تنهنجي گهر ۾ چوريءَ جي ارادي سان نہ آيو هو. هن سان هڪ زالَ ٺڳي ڪئي آهي."

پوءِ ڪوٽوال کي سڏي خوب ڏمڪايائين ۽ سخت حڪم ڏنائين تہ "انهيءَ ٺڳ زال کي جلد ڳولي هٿ ڪر!"

جڏهن انهيءَ واردات کي ڪي ڏينهن گذريا تڏهن شمرانہ وري نئين پوشاڪ ڍڪي، شڪار جي ڳولا ۾ نڪتي ۽ گهٽين ۾ گهمريون ڏيڻ لڳي. اتفاق سان هڪڙي سوڙهي گهٽيءَ ۾ هن جو گذر ٿيو. ڏسي تہ هڪڙو انڌو فقير پٽ جي اوٽ ۾ ويٺو اشرفيون پنهنجي گودڙيءَ جي تَهَن ۾ لڪائي. اشرفيون ڏسي شمرانہ جي وات ۾ پاڻي اچي ويو. ارادو ڪيائين تہ اهي هن کان ڪنهن طرح سان ضرور ٺڳائجن. ويجهو وڃي مٺرساڻي آواز سان سلام عليڪم ڪيائينس. هن سلام جو جواب ڏيئي پڇيس: ميان، تون ڪير آهين؟" شمرانہ چيو: "آئون تنهنجو پاڙيسري آهيان، مون کي سڃاڻين نٿو؟ تون خوش ۽ چڱو ڀلو تہ آهين؟ ڪو ڪم ڪار هجيئي تہ بيشڪ چئو؟ انڌي فقير چيو: "بابا، آئون دنيا ۾ اڪيلو آهيان ۽ پنهنجي گودڙيءَ ۾ خوش آهيان. مون کي ٻيءَ ڪنهن شيءِ يا ڪم ڪار جي ضرورت ڪانهي. رُکي سکي ماني کائي خير جو وقت پيو گذاريان. شمرانہ آهستي آهستي گودڙيءَ کي هٿ لائي ڏٺو، تہ انهيءَ ۾ گهڻن هنڌن تي اشرفيون لڪل ڏسڻ ۾

آيس. في الحال تہ موڪلائي هلي ويئي. ٻئي ڏينهن صبح جو هوءَ پنهنجون ٽي ڇوڪريون پاڻ سان وٺي فقير وٽ آئي. ڇوڪرين کي سيکاري ڇڏيو هئائين، تن وڃي هن کي ورتو ۽ چوڻ لڳس: ”بابا سلام، ڪٿي آهين“؟ اندو بابي جو نالو ٻڌي حيرت ۾ پيو ۽ پڇڻ لڳو: ”اڙي توهين ڪير آهيو؟ ڪنهن جون بلائون آهيو؟“ هنن چيو: ”بابا، تون ڪيستائين اسان کان رُنو وتندين؟ امان توکي ڏاڍو ساريو ٿي. هاڻ گهر هل. اسان کان قصور ٿيو، سو معاف ڪر. اڳتي توکي رنج ڪين ڪنديونسين!“ فقير چيو: ”آئون نہ اوهان کي ۽ نہ اوهان جي ماءُ ـ پيءُ کي ٿو سڃاڻان. اوهين الاجي ڪير آهيو ۽ ڇاٽيون بڪو؟ آئون ڇڙهو ڇڙمل. خواب ۾ بہ مون ڪڏهن زال جو منهن ڪونہ ڏٺو، ٻار ٻچا وري ڪٿان آيم؟“ ڇوڪريون هي ٻڌي ڪوڙ ڪوڙ ڪري روئڻ ۽ هُل مچائڻ لڳيون. هُل تي گهڻا ماڻهو اچي مڙيا. ڇوڪريون ماڻهن کي آزي نيزاري ڪري چوڻ لڳيون: ”سائين ڏسو، بابو اسان کان ناراض ٿيو آهي، ڪاوڙجي هليو آيو آهي، گهر نٿو هلي پلائي ڪري هن کي چئو تہ هلي، اسين هٿ ٿيون ٻڌون.“ ماڻهن فقير کي سمجهايو. فقير گهڻوئي چين تہ منهنجو هنن سان ڪوبہ واسطو ڪونهي، تہ بہ هنن کي اعتبار نہ آيو. ڇوڪرين کي چيائون: ”جي هي اندو بي عقل خوشيءَ سان نٿو هلي، تہ اوهين زور سان گهلي وٺي وڃوس.“ جڏهن فقير ڏٺو تہ هاڻ ضد ڪرڻ مان متان ڪا خرابي ٿئي. ۽ گودڙيءَ جو ڳجهہ ظاهر ٿئي، تڏهن لاچار هلڻ لاءِ راضي ٿيو. ڇوڪريون فقير کي وٺي اُتي هليون ۽ شمرانہ بہ لڪي اچي ساڻن شامل ٿي فقير کي پنهنجي

گهر وٺي ويون. اُتي وچي هن جو هٿ منهن ڌئاريائون ۽ نوان ڪپڙا ڍڪايائونس ۽ چڱا طعام کارايائونس. مطلب ته هر طرح هن کي خوش ۽ سکيو ڪيائون تن ـ چئن ڏينهن کان پوءِ هڪڙيءَ چيو: "بابا، مون کي اڄ بازار مان سوناري جي هٽ تان ڪي زيور خريد ڪرڻا آهن. تون مون سان گڏجي هل." فقير چيو: "ابا، آئون نابين آهيان، مون کي ڪهڙي خبر پوندي؟" هن چيو ته "بابا، تون رڳو ساڻ هلندين. اسين ڪي زيور وٺي پسنديءَ جي لاءِ گهر آڻينديونسين، پوءِ جي پسند آيا ته رکنديونسين نه ته موٽائي ڏينديونسين." نيٺ فقير کي ٺڳاري سنيرايائون، نوان ڪپڙا، ڍڪي هلڻ لاءِ ڏنائونس. فقير ڪپڙا ڍڪيا، پر گودڙي پاڻ کان پري ڪري ئي ڪين پيو، اُها به ساڻ ڪٽي هلڻ لڳو. شمرانه ته وجهه وٺي گوليو ته گودڙي ڇڏي ته گم ڪريان. تنهن جي اشاري تي ڇوڪريون چوڻ لڳيس: "بابو به انصاف تو ڪري، جو هھڙن چڱن ڪپڙن سان گڏ ڪني گودڙي به گهليندو وتي. ماڻهو ڇا چوندا؟" فقير عذر ڪري چوڻ لڳو: "هيءَ گودڙي مون کي پنهنجي مرشد ڏني آهي، دعا ۽ برڪت جي آهي. سا آئون هرگز پاڻؤن پري نه ڪندس." ڇوڪرين چيس: "تڏهن ڪٿي قابو ڪري رکي هل، پوءِ وري اچي کڻج. هن کي هٿ لائڻ کان ئي اسان کي ته ڪرهت ٿي اچي!" نيٺ فقير کي لاچار ٿيو، جو گودڙي آهستي ويڙهي؛ ته ڪري، لِڪائي رکي ڇڏيائين، ۽ سيني کي تاڪيد به ڪيائين ته هي مرشد جي شيءِ آهي، تنهن کي هٿ نه لائجو. پوءِ شمرانه فقير جو هٿ وٺي اُتي هلي ۽ هڪڙي سوناري جي دڪان تي وڃي

ويئي. سوناري هن فقير جا چڱا ڪپڙا ڏسي سمجهيو تہ هي ڪو سکر ۽ معتبر ماڻهو آهي، تنهنڪري انهيءَ کي گهڻي عزت سان ويهاريائين ۽ پڇيائينس: "ڪهڙو ڪم آهي؟" شمرانہ تڪڙي تي ورندي ڏني: "هن رئيس صاحب کي پنهنجي حرمسراءِ لاءِ ڪن زيورن خريد ڪرڻ جي گهرج آهي، تنهن لاءِ آيا آهن". سوناري گهڻيئي زيور ۽ جواهر آڻي پيش ڪيا ۽ اُنهن جي قيمت بہ ٻڌائي ويو. جڏهن فقير ۽ شمرانہ ٻيئي انهن کي هٿ لائي ڏسي چڪا، تڏهن شمرانہ فقير سان ڪي آهستي ڳالهائي چوڻ لڳي: "سائين، تڏهن اوهين اتي ئي ويٺا هجو تہ هي پنج ڇهہ زيور آئون اوهان جي حرمسراءِ ۾ ڏيکاريو تي اچان. جيڪي پسند ڪيائون تن جا ڪٽي پئسا ڏجو ۽ ٻيا موٽائي ڏجو." بي عقل فقير چيو: "چڱو، آئون ويٺو آهيان، تون جلد جواب وٺي اچ." انهيءَ طرح شمرانہ هزارن جو مال کڻي اُتي هلي. گهر پهچڻ شرط فقير جي گودڙيءَ مان ٻہ هزار کن اشرفيون، جي انهيءَ ۾ لِڪل ۽ سبيل هيون، سي گودڙي ڦاڙي ڪڍي پنهنجن ڪمن ۾ آڻڻ لڳي. سندس چوڪريون ايترو مال ڏسي نهايت گهڻو خوش ٿيون.

هوڏي جڏهن فقير کي سوناري جي هٽ تي ويني گهڻو وقت لنگهيو ۽ شمرانہ موٽي نہ آئي، تڏهن سونارو چوڻ لڳو: "سائين، هوءَ اوهان جي ٻانهي تہ اجا ڪانہ موٽي؟" فقير چيو: "خبر ناهي تہ ڇو ايتري دير ڪئي اٿس!" ٻنپهرن تائين جڏهن هو ويهي انتظار ڪري ڪري ٿڪا، تڏهن سوناري کي ٻڪ بہ لڳي ۽ شڪ بہ پوڻ لڳس. فقير کي چوڻ لڳو: "سائين، هاڻي ڪيستائين هن جي واٽ

ويتا ڏسنداسين. مون کي پنهنجي گهر وچي ماني کائڻي آهي، هاڻي بهتر آهي ته اوهان سان گڏجي اوهان جي دولت خاني تي هلان ۽ اُتي ئي فيصلو ڪري سودو ڪريون؟“ اتي فقير ڊجي ۽ منجهي جواب ڏنو: ”بابا. آئون اڪين کان وڌو آهيان. هن زال جي گهر جي مون کي خبر ڪانهي ته ڪٿي آهي. توکي ڪهڙيءَ طرح اتي وٺي هلي سگهندس؟“ اها ڳالهه ٻڌي سوناري جا ڇهه ڇڄي پيا ۽ چوڻ لڳو: ”منهنجو هزارن جو مال اُڏائي وئين ۽ هاڻ يورڙو بنجي ٿو چوين ته زال جي گهر جي مون کي خبر ڪانهي. چڱ ته هوءَ زال تنهنجي ٻانهي نه آهي؟“ فقير چيو: ”جهڙو قسم مون کي ڏين اهڙو کڻان، مون کي هن زال جي گهر جي بلڪل خبر ڪانهي.“ هي ٻڌي سوناري کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، انڌي فقير کي ايترو مارڻ لڳو جو رتو رت ڪري ڇڏيائينس. پوءِ گهلي خليفي وٽ وٺي آيس. خليفي فقير کان ساري حقيقت دريافت ڪئي. فقير پنهنجو سارو حال بيان ڪري ٻڌايو ۽ چيائين: اها ڪراڙي مڪارڻ منهنجون به هزار اشرفيون گوڏڙيءَ ۾ رکيل شايد کڻي ويئي ۽ مون کي موچڙن جي مار به ڏيارائين!“

خليفي کي اُن انڌي تي ڏاڍو قياس آيو ۽ انهيءَ زال تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. ڪوتوال کي سڏي هن کي گهڻ وڌ ڳالهايائين ۽ چيائين: ”جي اها زال تمام جلد نه پيدا ڪندين، ته موقوف ڪيو ويندين!“

شمرانه کي پلا ڪٿي ٿو آرام اچي. ڪن ڏينهن کان پوءِ وري گهر کان نڪري ٻاهر ٿي ۽ هڪڙو نوڪر ساڻ ڪري، هڪڙي

بزازيءَ جي دڪان تي ويئي، انهيءَ کي چيائين: ”مون کي ڪي ڪيمخواب جا تانَ درڪار آهن. بزاز گهڻائي قيمتي تانَ زربفت ۽ ڪيمخواب جا هن جي اڳيان آڻي رکيا. شمراند اُهي تانَ ڪڍي نوڪر جي حوالي ڪيا ۽ هن کي چيائين: ”اهي گهر کڻي وڃي ڏيکاري اچ، آئون هتي ويٺي آهيان.“ توريءَ دير کان پوءِ بزاز کي چوڻ لڳي: ”ميان، توکي شابس هجي، تون وڏيءَ دل وارو ٿو ڏسجين، جو سواءِ سڃاڻپ جي تو هزارن جو مال مون کي ڏيئي ڇڏيو؟ واپاري تي توکي اهڙو ويساهه وارو ٿيڻ نه گهرجي. سڀ ماڻهو اشراف به ڪين هوندا.“ بزاز چيو: ”بيبي تون معتبر هئينءَ ۽ پانهو به ساڻ هُيئي ۽ پاڻ به تيسين هتي ويٺي آهين.“ شمراند چيو: ”جي آئون هلي وڃان ته پوءِ؟“ ائين چئي اٿي ڪڙي تي ۽ ٻاهر هلڻ لڳي. بزاز ڪلڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته ”يلا مائي، ڏسون ته ڪيئن ٿي وڃين. اهڙي هاءِ به ڪونه پيئي آهي؟“ شمراند چيو: ”اجهو هيئن ٿي وڃان“ شمراند تورو پنڌ ڪري، وري به - تي وکون موٽي ۽ بزاز ڏي منهن ڪري مرڪي. بزاز وري به کلي ويهي رهيو. پانئيائين ته هيءَ مائي کا چرچائڻ تي سجي. شمراند وري ڪيس چيو: ”يلا هاڻ وڃان تي!“ بزاز کلي چيس: ”يلي وڃ مائي، ڏسون ته ڪيستائين تي وڃين!“ شمراند تڪڙي هلي هلي، پوءِ گهٽي جو ور ڏيئي ٻيءَ گهٽيءَ ۾ گهڙي. انهيءَ وچ ۾ ڪجھ جيترا خريدار بزاز جي دڪان تي خريداري ڪرڻ لاءِ اچي نڪتا، ۽ هن سان ڳالهائڻ لڳا. جيسين هن انهن سان ڳالهايو، تيسين شمراند ور وڪڙ ڏيئي گم ٿي ويئي بزاز اکيون قاڙي نهاري نهاري، پيرين اُگهاڙو هيٺ لهي هيڏي

هوڏي ڊوڙيو. گھوڙا گھوڙا ڪيائين. پر شمرانہ پڪيءَ وانگي اُڏامي ويئي. لاچار نا اميد ٿي موٽي آيو ۽ دڪان بند ڪري خليفي جي دربار ۾ دانھن ڪٽي ويو. ھن جو فرياد ٻڌي خليفي حڪم جاري ڪيو تہ "ھن جي جلد جاچ ٿئي!"

ھن ڪم ۾ فتحيابي حاصل ڪري شمرانہ ڪن ڏينھن تائين وري خانہ نشيني اختيار ڪئي، ٻن - ٽن مھينن ڪان پوءِ وري بازار جي سير تي نڪتي. ھڪڙي ھنڌ ڪنھن سوناري کي اشرفيون تيلھيءَ ۾ وجھندي پريندي ڏٺائين. اشرفيون ڏسي شمرانہ جي دل ۾ لالچ جاڳي. ائين ڪندي ھڪڙي خوبصورت زال سوناري جي دڪان وٽان اچي لنگھي، سونارو ڪو صورت پسند ۽ عياش ماڻھو ھو. تڪڙ پڪڙ ڪري تيلھي غلام کي ڏنائين تہ گھر ڪٽي ھل، ۽ پاڻ انھيءَ زال جي پٺيان لڳو ۽ ھن جي پٺيان چرچا گھڻا ڪندو ويو. پر ھوءَ زال ڪا اشراف ٿي ڏٺي، تنھنڪري مُنھن ويڙھيو ھلي ويئي ۽ ھن کي ڪو جواب نہ ڏنائين. سونارو ڦڪو ۽ نا اميد ٿي موٽي پنھنجي دڪان تي آيو. شمرانہ تہ بروقت ئي سوناري جي غلام جي پٺيان لڳي. جڏھن غلام گھر ۾ گھڙيو، تڏھن شمرانہ موٽي سوناري جي دڪان تي آئي ۽ چوڻ لڳي: "مونکي توسان خلاصگيءَ ۾ ڪا ڳالھ ڪرڻي آھي؟"

سونارو عيشي جيئڙو ھو تنھن ڀانئيو تہ ھيءَ ڪا ڏوتي آھي، ڪنھن زال جو ڏس ٿي ڏئي، سو جھٽ ۾ ھن کي اندر وٺي ويو. شمرانہ چيس: "ھوءَ نازنين زال جا اڳھٽو تنھنجي دڪان وٽان اچي لنگھي ھئي، سا توتي عاشق ٿي پيئي آھي، پر حياءَ جي ڪري

توکي کي چئي ڪين سگهي. حقيقت ڪري هوءَ تنهنجي منهن ڏسڻ لاءِ ڏاڍي مشتاق آهي. آئون هن جي دائي ۽ حالياپاٽي آهيان. هن مون کي توڏي موڪليو آهي." سونارو ڏاڍو خوش ٿيو. شمراٽ جي نهايت گهڻي خوشامد ڪيائين. ۽ انهيءَ نازنين سان ملاقات ڪرڻ جي خواهش ڏيکاريائين. شمراٽ چيو: "دير ڪرڻ جو ضرور ڪونهي. ميدان خالي آهي. مون سان گڏجي هل ته توکي وٺي هلان." سوناري اُتي دڪان بند ڪيو ۽ ڪلف ڏيئي شمراٽ جي پٺيان لڳو. هوءَ هن کي ساڻ وٺي گهٽيون گهمڻ لڳي، پاڻئيائين ته ڪو سڃاڻو گهر ڏسان ته پنهنجو هنر هلايان: نيٺ هڪڙي وڏي عمارت هن کي نظر آئي، جنهن جي ايوان ۾ هڪڙو ڪوهه ڏسڻ ۾ آيس. شمراٽ سوناري کي چيو: "تون ٿورو هتي ترس ته آئون اندران وڃي ڏسي اچان، ته ڪو مڙس ماڻهو ته گهر ۾ ڪونهي." جڏهن شمراٽ اندر ويئي تڏهن ڏسي ته ٻه زالون ويٺيون پاڻ ۾ ڳالهيون ڪن. انهن کي چوڻ لڳي "مايون، منهنجي نماز تي قضا ٿئي، مهرباني ڪري موڪل ڏيو ته وضوءَ جي لاءِ پنهنجو پٽ آٽي کوهه ۾ ڏول وجهائي، انهيءَ هتان پاڻي ڪڍايان؟" زالن چيو: "ڀلي ڪڍاءِ، اسين پردي جي اندر ٿيو ٿيون ويهون." شمراٽ انهيءَ دم سوناري وٽ ويئي ۽ چوڻ لڳس: "تون ڪپڙا پنهنجا لاهي مون کي ڏي، فقط لُنگ ٻڌ ۽ کوهه مان ڏول ڪڍڻ جي بهاني سان اندر گهڙي وڃ ۽ وڃي پاڻي ڪڍ. پاڻيهي تنهنجي نازنين توکي پردي جي اندران ڏسندي ۽ وجهه لڳس ته توکي سڏي وٺندي." سوناري چيو: چڱو. ڪپڙا لاهي شمراڻ کي ڏنائين، جا

ڪپڙا ڪٺي تمام تڪڙي سوناري جي گهر ويئي، جو اُهو اڳيئي ڏسي چڏيو هئائين. سوناري جي زال کي چوڻ لڳي: "ڏيءَ، تنهنجو گهر وارو حمام ۾ آهي، وهنجي ٿو. هي پنهنجا لٽل ڪپڙا نشاني ڏني اٿس، ۽ چيو اٿس ته اشرفين جي ٿيلهي، جيڪا غلام جي هٿان هاٽي موڪلي ڏني اٿم، اُها ۽ هڪ عمدو وڳو ڏيڪڻ لاءِ جلدي ڏياري موڪليو." سوناري جي زال مڙس جا ڪپڙا سڃاتا ۽ هڪدم اها ٿيلهي اشرفين جي ۽ هڪڙو وڳو آڻي شمراني کي ڏنائين. شمراني ٿيلهي ۽ ڪپڙا ڪٺي پنهنجي گهر هلي ويئي. هوڏي ويچاري سوناري تي جا آفت آئي تنهن جو بيان ٻڌو. هو شمراني جي ڳالهه تي ويساهه آڻي، چوتو ٻڌي، اندر گهر ۾ گهڙي ويو. ڪوهه وٽ بيهي پردي ڏي منهن ڪري ميچون ڏيڻ ۽ مِنيون مِنيون ٻوليون ڪرڻ لڳو. هو ويچاريون پردي واريون زالون ڊپ ۾ وڃي لڪيون. پانئيائون ته هي ڪو چريو آهي يا بدمعاش آهي. ائين ڪندي گهر جو مالڪ ٻاهران آيو ۽ هڪڙو نامعلوم ماڻهو اگهاڙو ڏسي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ هن کان پڇڻ لڳو: "اڙي تون ڪير آهين، جو پرائي گهر ۾ ڪاهي آيو آهين؟"

سوناري چيو "سائين، اوهين ڪاوڙ نه ڪريو. گهر جي مالڪياڻي يا ڪنهن ٻيءَ پاتياڻيءَ مون کي اندر سڏيو ۽ چيائين ته ڏول ڪوهه ۾ ڪري پيو آهي سو ڪڍي ڏي." هو شخص اندر گهر ۾ ويو ۽ زالن کان پڇا ڪيائين. انهن چيس: "هي ماڻهو ڪوڙ ٿو ڳالهائي، ڪو بيحيا بدمعاش ٿو ڏسجي. اسان ڪونه سڏيو اٿس. هڪڙي ڪراڙي زال اندر آئي، تنهن وضوءَ جي لاءِ ڏول ڪڍڻ

جي موڪل گهري ته پنهنجي پٽ کان پاٽي ڪڍايان. پوءِ اُها ته الاجي ڪيڏي ويئي!" گهر جي مالڪ کي پڪ ٿي ته هي چور آهي، پنهنجي ماءُ کي اندر خبر لهڻ لاءِ موڪليو هئائين. سو اندران وچي ڇهبڪ ڪٽي آيو ۽ اچي سوناري کي ورتائين. ويچاري جي ماري ڪل ئي لاهي ڇڏيائين. پوءِ ڌڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائينس. هو انهيءَ حال ۾ لُنگ ٻڌل اُگهاڙو روئيندو ڪنجهندو گهر آيو. زالس ڏسي چيو: "ميان، ڀيو ته خير آهي؟ هي ٻت تي ڌڪن جا ڪارا داغ ڪيئن ٿيا اٿئي؟" هن چيو ته "اڙي سياڻي، پڇ ئي ڪين. ٻيهه ته توکي حال ٻڌايان." پوءِ ڳالهه ڪري ٻڌايائينس ۽ جوڙس به ٻڌايس ته "اشرفين جي ٿيلهي، ڪراڙي زال تنهنجا ڪپڙا ڏيڪاري ڪٽي ويئي!" هي ٻڌي سوناري کي ڏنڊڻ پئجي ويا. جڏهن سامت ۾ آيو، تڏهن خليفي جي دربار ڏانهن ڀڳو. خليفو وزير ۽ ٻين عملدارن تي ڏاڍو ڪاوڙيو، ته منهنجي شهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو هھڙا ظلم پيا ٿين؟ هڪڙي خسيس ڪراڙي زال هي سڀ مذاق ڪندي وتي! سخت حڪم ڏنائين ته انهيءَ کي جلدي هٿ ڪري پيش ڪريو ته جوڳي سزا ڏجيس!"

ڪن ڏينهن کان پوءِ شمرانه وري شڪار تي نڪتي. هن دفعي گهٽين ۾ گهمندي هن کي اڳوٽو جت منهن پئجي ويو، تنهن ڪٽي جهليس ۽ چوڻ لڳس، "اڙي شيطان جي ناني، ڏيهه جي ڏائڻ! شڪر آهي ته تون منهنجي هٿ چڙهي ويئي آهين. ڏس ته هاڻ توسان ڪهڙيون نه جنيون ٿو ڪريان." شمرانه چيس: "توکي پنهنجو اٺ ۽ اٺ جو پاڙو گهرجي، سو ته آئون توکي ڏيان ٿي،

هينئر ئي وٺ. ناحق مون کي خوار خراب ڪرڻ چوتو گهرين"؟ جت چيو: "ياڙو وڃي ڪڏ ۾ پوي، مون کي پنهنجو اُٺ ڏي، پوءِ جيڏي وٽيئي تيڏي هلي وڃ." شمرانه چيو: "حاضر، تون برابر ڏاهو ۽ انصاف پسند ۽ نيڪدل ماڻهو آهين. هاڻ مون سان گڏجي هل ته توکي پنهنجو اٺ ڏيان." ائين چئي هن کي پاڻ سان وٺي هڪڙي گهٽيءَ ۾ ويئي. انهيءَ گهٽيءَ ۾ عيسيٰ نالي هڪڙي مشهور جراح طبيب جو دڪان هو. جت کي چوڻ لڳي ته "تنهنجو اٺ مون عيسيٰ طبيب کي امانت ڪري ڏنو آهي. تون هت ترس ته آئون وڃي هن کان اُٺ وٺي توکي پهچائي ٿي ڏيان." شمرانه جي چوڻ موجب توري پنڌ تي بيهي رهيو. سندس سامهون شمرانه طبيب جي هٽ تي ويئي ۽ هن کي چوڻ لڳي: "حڪيم صاحب، مون اوهان جي تعريف ٻڌي آهي: جهڙو اوهان جو نالو آهي، اهڙائي اوهين حڪمت ۾ قابل آهيو. هيءَ اشرفي اتوَ. هو پريان منهنجو غلام بيٺو آهي، تنهن کي ڏندن ۾ سخت سور ٿيو آهي، ويچاري کي سور کان ننڊ ئي نٿي اچي! اهڙي حالت اچي ٿي اتس، جو هوش ئي برابر نه رهيو اٿس، چرين وانگي بڪ ڪندو وتي. يلائي ڪري هن جا اڳيان پنج ڏند ڪڍي وٺ ته ويچارو سور کان ڇٽي پوي." طبيب چيو: "حاضر، اها ڪا مشڪل ڳالهه آهي ڇا؟" شمرانه چيو: "حڪيم صاحب، هي غلام البت ڪتراڳي اتوَ ڏندن ڪڍڻ جو ٻڌندو ته هو نٽائيندو يا ڀڄندو يا لڙندو يا اجائي بڪ شڪ ڪندو، پر اهڙو بندوبست ڪجو، جو هن کي قابو ڪري پوءِ ڏند ڪيجوس! هان، هيءَ ٻي اشرفي به اتوَ! طبيب نهايت گهڻو خوش

تيو ۽ پنهنجن شاگردن ذي منهن ڪري هنن کي سمجهائڻ لڳو، ۽ اُهي ٻه اشرفيون پنهنجي پيتيءَ جي مٿان رکيائين. طبيب جي اشاري جي پٺيان پنج ـ اَٺ شاگرد اُٿيا ۽ جت وٽ وڃي، هن کي گهلي آڻڻ لڳا. ويچاري گهٽيون دانهون ڪيون ۽ هنن کي وڏا وڏا قسم وڏائين ۽ چيائين: "يارو، آئون چڱو ڀلو آهيان، منهنجو ڪو به گناهه ڪونهي. پر ڪنهن به سندس ڳالهه نه مڃي. تنگو تالي ڪري کڻي طبيب وٽ آيس. طبيب جي چوڻ موجب هن جون ٻئي ٻانهون کڻي ٻڌائون ۽ طبيب پاڻ انبوري کڻي، هن ويچاري جا اڳيان پنج ڏند پٽي ڪڍيا. هو رت ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ بيهوش به ٿي ويو. انهيءَ وچ ۾ جيسين هو سڀ انهيءَ ڪم ۾ هئا، تيسين شمرانه اُهي پنهنجون ٻيئي اشرفيون به صندوقڙيءَ تان کڻي گم ٿي ويئي. توريءَ دير کان پوءِ جڏهن جت هوش ۾ آيو ۽ طبيب کان پڇيائين ته چالاءِ تو منهنجا ڏند ههڙي ظلم ۽ زبردستيءَ سان ڪڍيا؟ تڏهن شمرانه ڏانهن ڏسڻ لاءِ طبيب ۽ شاگرد سندس نهارڻ لڳا. پر شمرانه ڪين نظر ئي نه آئي. اشرفيون سنڀاليائون ته اُهي به ڪين هيون. طبيب جو شڪ شاگردن ۾ پيو. تنهن لڪڻ کٽي انهن کي خوب مار ڏني، پر هائوڪار ڪنهن به ڪانه ڪئي. جت ويچارو ساٿو ٿي پيو. وڌيڪ ڳالهائڻ يا ترسڻ جي طاقت نه رهيس، ماٺ ڪري اُٿي هليو ۽ سڌو روئندو خليفي جي دربار ۾ ويو. خليفي کي هن جو احوال ٻڌي ۽ هن جي شڪل ڏسي ڪل به آئي ۽ رحم به آيو. هڪدم ڪوتوال کي گهرائي خوب ڏمڪايائين ۽ چيائينس ته "هاڻ جي هڪڙي هفتي اندر انهيءَ زال کي گرفتار

اک نڪري پيئي آهي، تڏهن ڪوتوال جي ڊپ کان سڀ ڀڄي ويا. ڏوبي منهن متو پٽيندو خليفي وٽ آيو، ۽ پنهنجو پٽڪو زمين تي هٽي فرياد ڪرڻ لڳو. خليفي کي هن جي حال تي گهڻو رحم آيو. ارادو ڪيائين ته جڏهن اها بدمعاش زال ڪوتوال کي به هٿ نٿي اچي سگهي، تڏهن آئون پاڻ انهيءَ کي ٿو پڪڙيان. سو ساري شهر ۾ جدا جدا جاين تي پهرا ۽ چونڪيون ويهاري ويو.

انهيءَ واردات کان پوءِ شمرانه ڪن مهينن تائين وري گهر کان ٻاهر نه نڪتي. هڪڙي ڏينهن وري اچي ڪمبختيءَ ڪنيس، سو هميشه وانگي ٻاهر گهمڻ گهتڻ نڪتي. پر اوٽتيهه ڏينهن چور جا ته تيهون ڏينهن ساڌ جو به آهي. هن ڀيري خليفي جي سپاهين هن کي گرفتار ڪري وڏو ۽ خليفي جي حضور ۾ وٺي ويس. خليفي هن جي شڪل ڏسي حڪم ڏنو ته ”هن رن کي وڃي درياهه ۾، جتي پاٽي تمام اونهون هجي، اتي اڇلايو ته ٻڏي مري!“ شمرانه گهڻوئي رُنو ۽ دانهون ڪوڪون ڪيون، پر ڪنهن به ڪونه ٻڌيس. سپاهي شمرانه کي قيد ڪري وٺي ويا، ۽ هِن کي مهاڻن جي حوالي ڪري ۽ خليفي جو حڪم ٻڌائي هليا ويا. جڏهن سپاهي هليا ويا، تڏهن شمرانه هڪڙي ڏاڍي عجيب حڪمت ڪئي. مهاڻن ڏي منهن ڪري چوڻ لڳي:

”ڪمبختو! اوهان سان خير ته آهي! مون کي ڪيڏي وٺيو ٿا وڃو؟“

مهاڻا: خليفي صاحب جي حڪم جي تعميل ٿا ڪريون.

شمرانه: اهو حڪم ڪهڙو آهي، ٻڌايو ته سهي؟

مهاڻا: توکي درياهه جي سِيرَ تي نيئي، اتي ٻوڙي ماريندا سون.

شمرانہ: خليفي منهنجي ڪَل تہ ڪانہ لهرائي آهي؟
مهاڻا: نہ اسين حڪم جا بندا آهيون، لاچار آهيون.
شمرانہ: اڙي گڏهو، آئون خليفي جي ماءُ آهيان. خليفي جو دستور آهي تہ ڏيهاڙي شراب پِي مست ٿيندو آهي. آئون هن کي روڪيندي ۽ منع ڪندي آهيان. اڄ هو نهايت گهڻو شراب پِي نشي ۾ الوٽ ٿي ويو هو. انهيءَ حالت ۾ منهنجي روڪڻ تي هن کي ڪاوڙ آئي، ۽ هن هي حڪم جاري ڪيو. جڏهن نشو لهندس، تڏهن پاڻيهي پشيمان ٿيندو ۽ اوهان کان اهو حساب وٺندو، تنهنڪري چڱو پڇيوَ، تہ جڏهن هو هوش ۾ اچي، تڏهن جلدي ڪري ڊوڙي وڃي، منهنجي جان جي سلامتيءَ جي خوشخبري ٻڌايوس. مون کي پڪ آهي تہ اوهان مان جيڪو سڀ کان اڳي وڃي اها خبر ٻڌائيندس، تنهن کي لک اشرفين جو انعام ملندو."

مهاڻا ويچارا هن جي مٺين ڳالهين تي ويساهہ ڪري ويا. هڪدم هن کي ڇڏي ڏنائون ۽ پاڻ پٺي هليا ويا. سيڪنهن اُنهن مان ائين پئي گهريو تہ آئون ئي پهريون انهيءَ خبر ٻڌائڻ وارو ٿيان، ۽ اهو انعام کٽان. پوءِ تہ انهن مان ڪي سگهوئي وڃي خليفي جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، ۽ جلد جلد عرض ڪرڻ لڳا: "جهان پناهہ! حضور جن کي مبارڪ هجي، حضور جي والده جيئري آهي، ٻڏي نہ مئي آهي." سيني هڪٻئي پٺيان اها مبارڪ آڻي پئي ڏني.

هيءَ خبر ٻڌي خليفو حيران ٿي ويو، ۽ ڏاڍو ڪاوڙيو، ۽ مهاڻن

کي چوڻ لڳو: ”بدمعاشو، اوهان کھڙي بڪ مچائي آهي. منهنجي والده مرحومہ، جنهن کي خدا بهشت نصيب ڪري، تنهن کي وفات ڪئي ٽيھہ ورهيہ گذري ويا آهن، اوهين هيءَ کھڙي بي ادبيءَ جهڙي گفتگو تا ڪريو؟ اوهان کي جيئري ئي قبر ۾ پورڻ جي سزا ملڻ گهرجي. افسوس جو اوهين بہ هن بلا جي دَلبي تي ٿڳجي ويا آهيو. هينئر لاحول پڙهي آئون مڙي ٿو وڃان. ٿرو منهنجي منهن تان، پر بهتر آهي تہ ڪا سزا ڪايو وڃوا“ پوءِ حڪم ڪيائين: ”هرهڪ مهاڻي کي ٽيھہ - ٽيھہ چهبڪ هڻي هڪالي ڪڍو.“! انهيءَ حڪم جي تعميل ٿي ۽ مهاڻا گهوڙا گهوڙا ڪندا گهر ويا هليا.

شمرانہ جند ڇڏائي هڪدم گهر ويئي، ۽ گهر جي ڀاتين کي چوڻ لڳي تہ ”هاڻي هن شهر ۾ وڌيڪ رهڻ مناسب ناهي. بغداد جو سيڪو ماڻهو اسان جي حال کان واقف ٿي ويو آهي، ۽ خليفو تہ منهنجي رت جو پياسو آهي. بهتر آهي تہ هڪدم پڇي نڪرون.“

مطلب تہ شمرانہ پنهنجين ٽنهي ڌين کي ساڻ وٺي بغداد مان نڪري ويئي، ۽ ٻئي ملڪ ۾ وڃي رهڻ لڳي. اُتي پهچڻ کان پوءِ هن اڳتي جي لاءِ اصل توبهہ ڪئي، ۽ باقي عمر خدا جي بندگيءَ ۽ يادگيريءَ ۾ گذارڻ لڳي. جيڪا ملڪيت هيس، سا ٽي حصا ڪري، پنهنجين ٽنهي ڌين کي ورهائي ڏنائين، ۽ هنن کي پرڻائي ڇڏيائين.

—★★★—

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو ۾ مئنيجر، ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو ۽ سيد امداد حسيني، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

گل قل

سنڌي ادبي بورڊ جو ماهوار ٻارن جو رسالو

ٻارن لاءِ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ادب پيدا ڪرڻ جو فرض - ان ٻوليءَ ۾ جيڪا اسان کي بيحد پياري آهي، جنهن جي دائمي زندگيءَ ۾ اسان کي پورو يقين آهي، جنهن جي روشن مستقبل جي ضمانت لئي پڻ ٻي وري به اسان جا اهي ٻارئي آهن - هڪ اهڙو فرض آهي، جنهن جي اهميت جو احساس اسان مان جنهن کي جيترو هجي اوترو بهتر.

سنڌي ادبي بورڊ، مٿين ڳالهين خيال ۾ رکي، سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ ماهوار رسالو "گل قل" جاري ڪيو آهي. رسالي ۾ معلوماتي مضمون، نصيحت آموز آکاڻيون، وندرائيندڙ شعر، پروليون، ٽوٽڪا، سوال جواب ۽ ٻيو ڪارآمد مواد، تصويرن سان سينگاري وڏو وڃي ٿو. هر پرچو سراسري ٻاهتر صفحن جو ٿيهي ٿو. رسالي جي وڌندڙ مقبوليت ڏيکاري ٿي ته رسالو ٻارن کي پسند پيو آهي، ۽ ان جو مستقبل نهايت اميد افزا ۽ شاندار آهي.

رسالي جو ساليانو چندو پنجاهه رپيا آهي، في ڪاپي قيمت پنج رپيا اٿس. اسڪولن جي حالت ۾ ڏهه يا ان کان مٿي ڪاپيون گڏ گهرائيندڙ کي ٽيتيهه سيڪڙو رعايت پڻ ڏجي ٿي ۽ ٽپال خرچ پڻ وصول نٿو ڪيو وڃي.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)